# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1986

# SINDHACT NO.I OF 1986

# سنڌ ڀاڙي تي ڏنل احاطا (ترميم) ايڪٽ، 1986

# THE SINDH RENTED PREMISES (AMENDMENT) ACT, 1986

## (CONTENTS) فهرست


(Preamble) تمهيد

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعہ 22 جي ترميم

Amendment of section 22 of Sindh Ordinance XVII of 1897

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 1986

# SINDH ACT NO. I OF 1986

# سنڌ ڀاڙي تي ڏنل احاطا (ترميم) ايڪٽ، 1986

# THE SINDH RENTED PREMISES (AMENDMENT) ACT, 1986

[12 مئي 1986]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ڀاڙي تي ڏنل احاطا آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ڀاڙي تي ڏنل احاطا آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ڀاڙي تي ڏنل احاطا (ترميم) ايڪٽ، 1986 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعه 22 جي ترميم

2. سنڌ ڀاڙي تي ڏنل احاطا آرڊيننس، 1979 ۾، دفعه 22 لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"22. حڪمن تي عملدرآمد) هن آرڊيننس تحت جاري ڪيل

| | |
|---|---|
| Amendment of section 22 of Sindh Ordinance XVII of 1897 | حتمي حڪم تي ڪنٽرولر طرفان عمل ڪيو ويندو ۽ ڏرين وچ ۾ اٿندڙ سمورن سوالن ۽ عملدرآمد، ڊسچارج يا اطمينان سان لاڳاپيل معاملن جو حڪم ڪنٽرولر طرفان طئي ڪيو ويندو ۽ الڳ ڪيس نہ ڪيو ويندو.<br><br>وضاحت: جاءِ خالي ڪرڻ جي حڪم سان لاڳاپيل عملدرآمدي واري ڪارروائي جي سلسلي ۾، ڪا ادائگي، ٺاهہ يا معاهدو تيستائين ڪارگر نہ هوندو جيستائين اهڙي ادائگي، ٺاهہ يا معاهدو اختياري سامهون يا حڪم جاري ڪندڙ اختياري جي اجازت سان نہ ڪيو وڃي.".<br><br>**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |